SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1986

SINDH ACT NO.VIII OF 1986

اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 1986

THE N.E.D UNIVERSITY ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ACT, 1986

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act III of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Act III of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Act III of 1977

5. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act III of 1977

6. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعہ 28_A جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act III of 1977

7. 1986 جي سنڌ آرڊيننس II جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance II of 1986

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1986

SINDH ACT NO.VIII OF 1986

اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 1986

THE N.E.D UNIVERSITY ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ACT, 1986

[26 نومبر 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد(Preamble)

جيئن تہ اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

ان کي هن ريت جوڙيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. اين اي ڊي يونيورسي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977ء جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2، جي شق (m) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(mm) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act III of 1977

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 15 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Act III of 1977

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 17 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Act III of 1977

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 26 جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعه 26 جي ترميم
Amendment of

section 26 of Sindh Act III of 1977

1977 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعہ 28_A جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act III of 1977

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 28 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

("پرو وائيس چانسيلر) 28_A. (1) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشوري بعد مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ، جيڪڏهن ڪو هجي، هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور يا ڌار ڌار، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي جيئن چانسيلر طئي ڪري مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) جتي هڪ پرو وائيس چانسيلر ذيلي دفعہ (1) تحت مقرر ڪيو وڃي ٿو، اهو هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر جا اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيا ٻيا اختيار ۽ ڪم، ڪيمپس جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ ڪيس مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر ڪيس ڪم سونپي."

1986 جي سنڌ آرڊيننس II جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance II of 1986

7. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1986 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.